# لُغاتِ لَطيفي

## ا- سر ڪليانڻ

### ا

آخروَالعَصْر جو (٣) وَالْعَصْر قُرآن
جي (١٠٣) سُورَه آهي
اُنهيءَ جو آخرين لفظ صبر آهي
تنهنڪري معنيٰ آهي صبر

آمرُ (٣) آسرو - اُميد (١٠-٥)

آگو (١) خُدا تعاليٰ - ڏڻي - آغا
(٢١-٤) (٢-٨) (٦-٨)

اَئي (٢) ڀيڻي - ڪڙي

اتُ (٢) انت - اندر جو حال -
خبر - حقيقت - نهايت

اُتائُون (٣١) ڇيائُون (اُتڻ -
چوڻ)

اُتائين (١) ڇيائين

اُتو (١) ڇيو (١١-٢)

اجَلَ (١) موت - ڪَتي (١٢-٢)

اَحد (١) هڪڙو - واحد -
خُدا تعاليٰ جو نالو (٢-٥)
(٣٠-٤)

اڏي (١) ڪاٺ جو ٽڪر
جنهن تي گوشت ڪٽيندا
آهن يا مڇي وڍيندا آهن
(٢-٤) (٥٣-١)

ازَلُ (١) شروعات - اصل

اعليٰ (١) وڏو - مٿاهون (١٣)

## ن

لوٽي (٢) لوڙت - نماز

نِهو (٢) ذات

## و

وَاڇُنديان (٢) واڇن مان - وات مان - ڇپن جي ڪندن مان

وار (١) وير - وقت

وامِينگ (٢) ٽانگ جو قسم

واهيرو (٢) ٻڪمن جي آڪيري ۽ وهڻ جو وقت

واء (١) وئون - وڃ

وني (٢) ورهي - ونديَ

وِماسڻ (١) ذڪرڪرڻ - ڳڻتي ڪرڻ

وَلڻ (١) وئون - وڃ

وَٽڪ (١) رنگ - قسم - وقت

وِياء (٢) ٻچا

## ه

هريو (١) - ٻل

هونڻ (٢) محبت - ڪشش - ڇڪ ٽاڻ

هيرئون (١) مريل

## ٣٧- سر بسنت

## ا

آخُوند (١) اُستاد - سيکاريندڙ سڌ ڀندڙ

اُدَ ميا (١) نڪتا - اُپريا

اُمتَ (١) خلق - مخلوقات

انگورِيُون (١) وڻن جا گونچ يا ڳاريون - گل جو قسم

اوٻاهڻ (١) اوٻارڻ پيدا ڪرڻ

اوڌاڻ (١) اوڙ - مٽي جا

آوُرمُڪي جاء (هند ستاني) ٻاڻ وڏيڪ سڪنڊي وڃي